www.drpathan.com Page # 1

1.9.1990

# آزاديءَ جي پڌ
# ۽
# سنڌ جو پاڳ

ليکڪ :
بلديو گاجرا

Gul Hayat Institute

”پارقواسي“
٤٤، آگياري لين، فورٽ،
بمبئي ٤٠٠٠٠١.

Printed by :
Vashdev Gunomal Wadhwani,
at Sundri Printing Press,
Gandhi Market Road,
Near Municipal School,
Chembur Colony, Bombay-400 074.
Phone : 555 09 74

December 1985

Price Rs. 50/-

Gul Hayat Institute

Published by :
Baldev T. Gajra,
44, Agiary Lane,
Fort, Bombay-1.



Gul Hayat Institute

Mahatma Gandhi
Father of the Nation on his
famous Dandi March

www.drpathan.com Page # 4

# آرپـــيـــڻ

وڏيءَ سـک ۽ شـرڌا سـان

انهن شهيدن جي چرنن ۾

جن

ديس جي آزاديءَ جي يگيه ۾

پنهنجي جيون جو بليدان ڏنو

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 5



# ڏنڀــــــــــواد

”آزاديءَ جي پڌ ۾ سنڌ جو ڀاڱو“ گرنٽ لاءِ اسان جا ٻوجدا تيار ڪئي آهي ان هيٺ ٣ گرنٽ ڪيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي.

(١) آزاديءَ جي پڌ ۾ سنڌ جو ڀاڱو — سنڌي

(٢) آزاديءَ جي پڌ ۾ سنڌ جو ڀاڱو — انگريزي

(٣) سنڌي سوتنتر سينانين جو | چريتر ڪوش

ان سڀني ٻوجدا تي ڪل ٨٠ هزار خرچ اچڻ جو لکيمو آهي. ان مان ١٥٠٠٠ رپيا انڪل روءِ سرڪار وٽان گرانٽ ذريعي ملڻ جو امڪان آهي. باقي ٦٥ هــــزارن لاءِ اســان سنڌي داتارن ڏانهن اپيل موڪلي. ٤٥ هزار ڪٺا ٿي ويا آهن. اڃا ٢٠ هزار ڪٺا آهن. اسان کي آشـــا آهي ته اها باقي رقم به پوري ڏيندا. مڪمل يـادداشت سهايتا ڏيندڙن جي ٽئين گرنٽ ۾ ڏني ويندي. جـــن بـه مترن سهڪار ۽ سهايتا ڏني آهي تن کي وار وار ڌنيواد.

**پرڪاشڪ**

سمنڊ جو پاڇو

وشين کي نظر انداز ڪيو ويو آهي- نظر انداز ڪيو ويو آهي ايراڇه ڪوله ڪيو ويو آهي. جي ڪچڙيءَ ۾ اچا ڪي ڪٽا ٻيڙيل هو ته اهي پڻ ڪتاب لکي تيار ڪندس. گهٽ ۾ گهٽ منهنجين پوڄنائن ۾ اهي درج ٿيل آهن.

پڇاڙيءَ جو انهن مترن جي شڪرگذاري جن هن ڪم ۾ سهڪار ڏيئي منهنجو ڪارڻ ڪجهه هلڪو ڪيو. جن ڏن جي سهايتا ڪئي تن جو ذڪر الڳ ڪيو ويو آهي. جن وقت ڪڍي، پورهيو ڪري هٿن گرلٿن لاءِ مصالحي ڪٺي ڪري، مسودي کي نظر مان ڪڍي ۽ صلاح مصلحت پڻ ڏني آهي تن جو آڀار نه مڃان ته ڪرت گهٽتا جو دوشي ٿيندس. انهن مترن ۾ شري منو شهاڻي، شري لعل چڱاڻي ۽ شري جيوترام گاجرا جو خاص يوگدان رهيو آهي.

آءٌ سمدري پرنٽنگ پريس جي مالڪ واسومل ڪندومل واڌواڻيءَ جو به شڪرگذار آهيان جنهن همت ڪري ايتري ٿوري وقت ۾ ايڏو وڏو ڪتاب ڇپي ڏنو آهي. البت لڪڙ ڪري پروف جرن کي چڪون رهجي ويون آهن جنهن لاءِ افسوس ظاهر ڪرڻ کانسواءِ ڪري ئي ڇا ٿو سگهجي.

جڳ هند

پلڊيو گاجرا

٢٥-١٢-١٩٨٥

# ٻيا ٻه گرنٿ

هن گرنٿ کانسواءِ ٻه ٻيا گرنٿ ٻه هن ساڳي وشيه جي باري ۾ ڪيڻ جي يوجنا آهي. هڪڙو گرنٿ انگريزيءَ ۾ جو ڇاپي هيٺ آهي ۽ اُميد آهي ته پرڇاوادي ڏينهن ۾ ظاهر ڪيو ويندو. اهو انگريزي گرنٿ وڏو سنڌي گرنٿ جو ترجمو ڪونهي. ان جي رٿا ٿي الڳ آهي.

هيءُ ڪتاب آهي سولنتر سنڌڪن جو چريتر ڪوش، ڪير ڪير آهي. سنڌ مان اٽڪل ٽي هزار ماڻهو جدا جدا لهرن ۾ جيل ۾ ويا، ۲۰۰، ۱۹۲۱ واري اسهڪار لهر ۾، ۶۰۰، ۱۹۳۰ جي لوڻ ستياگره ۾، ۱۲۰۰، ۱۹۳۲ واري سول نافرماني لهر ۾ ۽ ۲۶۰۰، ۱۹۴۲ واري "ڀارت ڇوڙو" لهر ۾. هنن ٽن هزارن ستياگرهين جي ڀيٽ ۾ ٻه سو ڄڻن پنهنجو بيان لکي موڪليو آهي. باقي ۲۸۰۰ ڄڻن حقيقون ڪٿان آڻيون؟ هي ٻئي گرنٿ پورا ٿين ته ان باري ۾ مصالحو ڪٺو ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين ۽ ڪتاب مڪمل ڪري شايع ڪنداسين.

هن باري ۾ هڪ ڳالهه وڌيڪ درج ڪريان. سينٽرل ڪاميٽيءَ جي طلب تي مون فارم ڀرائي دهليءَ ڪي موڪليا مگر هن چريتر ڪوش ڇپائڻ جي يوجنا جو ڦي تياڳ ڪري ڇڏيو. ان ڪري ٻنهي جدا گرنٿ ڇپائڻ جي ضرورت پيدا ٿي.

بلديو گاجرا

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 12



Gul Hayat Institute

پنڊت جواهرلعل نهروءَ جا جدا جدا ”موڊ“

www.drpathan.com Page # 13


Gul Hayat Institute

نيتاجي سڀاش چندر بوس

# ڪتابن جي ياداشت جن تان مدد ورتي وئي آهي

## ١- انگريزي

(١) مهاتما گانڌيءَ جي ڪارگذارين
جي سرڪاري ڊائري -٧ جلد
(٢) اسهڪار تحريڪ سنڌ ۾ — مهاراشٽر سرڪار
(٣) ڀارت جو آزاديءَ لاءِ آندولن — پي. اين. چوپڙا هندسرڪار
(٤) اسهڪار آندولن — وي.وي. گري هندسرڪار
(٥) ٻمبئيءَ ۾ اسهڪار هلچل — مهاراشٽر سرڪار
(٦) سنڌ ڪهاڻي — ڪي. آر. ملڪاڻي
(٧) هندستان جي راڄنيتيءَ ۾
مسلمانن جو رول — ڪمليش شرما
(٨) سنڌو ديش — جي. ايم. سيد
(٩) ڦهليل خزانو — پوپٽي هيراننداڻي
(١٠) سنڌو ٻانس آن مارچ — ديو ناڻاڻي
(١١) آتم ڪهاڻي — آچاريه ڪرپالاڻي (ڇاپي ۾)
(١٢) سوامي ڪرشنانند — چوئٿرام وليچا
(١٣) اسانجو جهنڊو — هند سرڪار
(١٤) ڪدر — ڀيرائي سپتاراجي

## ٢- هندي

(١) ڏو رمتي سمپداڪي ڌاي سنڌي ڦيمت هرسنگهاڻي
(٢) سنڌ ۾ ڀهالا راڄنيتي ڪيس — ٻرلم ڌرم سيا
(٣) سوتنترتا ڪي ويدي پر — آچاريه ڀگوانديو

## ٣- سنڌي

(١) گانڌي گرنٿ
(٢) سوتنترتا سنگرام جو اتهاس — جيٺانند راشٽروادي
(٣) سنڌي سوتنتر سنگرامي — "

Gul Hayat Institute

| | |
|---|---|
| (۴) آزاديءَ لاءِ آندولن | ميٺارام هرومل |
| (۵) رڻ جوت | موٽيرام راموائي |
| (٦) ڊاڪٽر چوئٿرام جي جيوني | وشنو شرما |
| (۷) هيرو | رام پنجواڻي |
| (۸) گلن مٺ | مانسنگھ چوهڙمل |
| (۹) يادگيريون ۽ رهاڻيون | هريرام ماڙيوالا |
| (۱۰) وساريل سچا ديش ڀڳت | آچاريه ڀڳوانديو |
| (۱۱) آفتاب انقلاب | موهن ڪلپنا |
| (۱۲) سنڌ جا وساريل ورق | نهالچند آچاريه |
| (۱۳) ۱۸۵۷ | روپچند سپا هيملاڻي |
| (۱۴) ڪرانتيڪاري | دامودر مورجاڻي |
| (۱۵) سنڌو رڻ | موٽيرام پرمچنداڻي |
| (۱٦) برطانيه کي مهنجي اپيل مهاتما گانڌي | ڀارت جيون |
| (۱۷) سوديشي | پيتامبرداس سهجرام |
| (۱۸) قومي ترانا | گمنام |
| (۱۹) آلاپ وطن | پيرومل ايسرداس |
| (۲۰) موتين مالا | ڀيسومل ڀوجراج |
| (۲۱) ڌارا سدا ني ڪاهه | هندو آفيس حيدرآباد |
| (۲۲) للڪار | هوندراج دکايل |
| (۲۳) دل جي دانهن | ڀيسومل ناشاد |
| (۲۴) چراندن جا آلاپ | هوندراج دکايل |

انهن سواءِ ”سنڌو“، ”هندواسي“، ”ڀارتواسي“ جا
پرچا ۽ فائيل، انگريزي اخبارن ۾ آيل الڳ ليک.

Gul Hayat Institute

# فهرست


| | |
|---|---|
| ١. آزاديءَ جي ڪهاڻي (شعر) | ١ |
| ٢. سنڌ جو شاندار الهاسڪ ورثو | ٧ |
| ٣. ١٨٥٠ وارو بلوو | ١٩ |
| ٤. نئين جاڳرتا | ٢٩ |
| ٥. ڪانگريس جو جنم | ٣٧ |
| ٦. گرم ڌر جو اُسرڻ | ٤٥ |
| ٧. بنگال جو ورهاڱو | ٥٣ |
| ٨. سوديشي تحريڪ ۾ سنڌ جو رول | ٦٩ |
| ٩. ڀهرين راجنيتي ڪانفرنس | ٧٤ |
| ١٠. ڪراچيءَ ۾ ڪانگريس اجلاس | ٨٦ |
| ١١. جليانوالا ڪوس | ٩٤ |
| ١٢. امرتسر ڪانگريس | ١٠١ |
| ١٣. ڏور ديسن ۾ انقلابي سرگرميون | ١٠٧ |
| ١٤. اوائلي راجنيتي ڪيس | ١١٤ |
| ١٥. اسهڪار هلچل | ١٢٩ |
| ١٦. نمڪ ستياگرهه | ١٥٤ |
| ١٧. سول نافرماني تحريڪ | ١٧٢ |
| ١٨. ڀارت ڇوڙو آندولن | ١٨٠ |
| ١٩. ساموندي فوج جي بغاوت | ١٩٦ |
| ٢٠. آزاد هند فوج | ١٩٨ |
| ٢١. گوئا ستياگرهه | ٢٠١ |
| ٢٢. سماپتي | ٢٠٥ |
| ٢٣. ضميما | |


Gul Hayat Institute

# ٻه ضروري درستيون

---

ٿورو ڪم ڪرائڻ ڪارڻ ڪي ڇاپي جون چوڪون رهجي ويون آهن. رواجي چوڪون اميد ته پاڙهڪ پاڻهي درست ڪري پڙهندا. ٻه چوڪون ڪجهه ڳاڙهن ۾ رهجي ويون آهن جي مهرباني ڪري ضرور درست ڪري پڙهندا.

صفحي ١٥٦ جي سٽ ١١ ۾ پرنس آف ويلس جي ڪراچيءَ ۾ اچڻ جي تاريخ ١٧ مارچ ١٩٢٢ پڙهڻ گهرجي.

صفحي ١٦١ جي ٦ سٽ ۾ مهاتما گانڌيءَ جي ڏانڊيءَ ۾ سمنڊ ۾ ٽٻيءَ ڏيڻ جي تاريخ ٦ اپريل پڙهڻ گهرجي ۽ نه ١٦ اپريل.

پاڙهڪ ۽ مٿين ٻين ڪن غلطين ڏانهن ڌيان ڇڪائيندا ته شڪرگذار ٿيندا سون.

Gul Hayat Institute

# آزاديءَ جي ڳڙ ۾ سنڌ جو ڀاڱو

آواهـن

## آزاديءَ جي ڪهاڻي

١
ديس جي آزاديءَ جي تو مان ورنن ڪريان ڪهاڻي!
منهنجي ڪين لون ڀاڻنچ، آئي ديولوڪ مان واڻي!

(١)

رامايڻ لوق، نئين مهاڀارت جي آ هيءَ گـاٿـا،
نئون ٻڌايو ڪرو ڪيتر هڪ ڀارت ڀاڱي وقاتـا،
ڀاڳوءَ ڪرشن روپ اڀناڻو، جوهر ڪشتي سچاتا،
سوي ملي ءِ رها غلاميءَ ڪان تي ڀارت ماتـا،

ليڪن اڏيڊ ڀـڏ هئي هيءَ، نياري ڪل هيڪاڻي!
ديش جي آزاديءَ جي تو مان ورنن ڪريان ڪهاڻي!

Gul Hayat Institute

(٢)

زور جبر هڪ طرف ءِ سخنون سور سهڻ ڀئي پاسي،
هڪ طرف جنگي استر ءِ شستر صبر سپر ڀئي پاسي،
ظالم لنگو هڪ طرف ڪڙو مظلوم هڪيو ڀئي پاسي،
عجب ڪرشمو قادر جو ڏس درد ۽ راحت پاسي،

جيت اهنسا کي هنسا لي، چڪت دنيا ٿي چاڻي!
منهنجي ڪين لون ڀاڻنچ، آئي ديولوڪ مان واڻي!

www.drpathan.com Page # 19

(٣)

جيل ۾ ڪارا واس ٻٽي پيا ڪيل جوانن ڪاڙ،
گولي ۾ ڦاسيءَ جو وڌو ڏر ملڪ مٽي جي خاطر،
گانڌيجيءَ جي ڪوٺ تي ڪڏندا آيا ڪوڙ سپاڙ،
مٽيءَ مان تنهن مرد ٻڻايا ڏات ڏنس ڪا ڏاڙ،

سونن حرفن ۾ چٽبي اِتهاس ۾ هيءَ آکاڻي!
ديس جي آزاديءَ جي تو مان ورن ڪريان ڪهاڻي!

(۴)

بوز ڏاڍو مدهوشيءَ جو هو ڌارين اهڙو ڪوئي،
طوق غلامي بوجهه نه پاسي، ذلت جيون جوئي،
غيرت، سڙ ايمان، سو نشترا وڃو پلجي سڀوئي،
ڪوڙي ٻرم جي چار ۾ ڦاسي ڪوهي سرت سگهوئي،

موت کي جيون سمجهي وطنين ننڍ جي چادر لاٿي!
منهنجي ڪين ٻرن پانئنج، آئي ديو لوڪ مان واڻي!

Gul Hayat Institute

(۵)

ننڊ مان گهانئيءَ پارت جاڳي ڪروٽ ڪيئن ٻدلائي،
ڪير سو ل جاليءَ کي ڏيئي جهٽڪو ڪر جهنجهلائي،
ڪير جو جان وجهي مردن ۾ جڙي ٻوٽ جٽلائي،
فرق غلاميءَ آزاديءَ جو ڪير ٿمي ٻٽلائي،

دل کي اُتارينديءَ آهي ايءَ سندر ڪٿا سهاڻي!
ديش جي آزاديءَ جي تو مان ورن ڪريان ڪهاڻي!

www.drpathan.com Page # 20

(٦)

ارڙهن سؤ ستونجاها ۾ ٿي جنگ هئي هيءَ جاري،
جوالا ڀڙڪو کائي اُڀري آگ لڳي چوڌاري،
فوج ۾ غيرت جاڳي هندو، مسلم، سک کي ڀياري،
راجائن ۽ پرجا نوابن هرڪنهن سرت سنڀاري،

نانا جاڳيو، جاڳيو ٽانتيا ۽ جهانسيءَ جي راڻي!
منهنجي ڪين ٿون پائيندي آئي ديو لوڪ مان واڻي!

(٧)

ويڙ اٿيا جذبي سان ۽ ويو دم ويرن جو گهٽبو،
فوج ۾ هر هند پيو ٽاڪوڙو، دشمن ويو ٿي هٽندو،
دهليءَ تائين انگريزن جو زور وڃي پيو ٽٽندو،
هرڪنهن ڀانيو هندي لشڪر يڌ هيءَ لاشڪ کٽندو،

فرنگيءَ فرنگ ڪيو پر ڦهري قوت وڌائين گهاڻي!
ديش جي آزاديءَ جي ٿو مان ورڻ ڪريان ڪهاڻي!

Gul Hayat Institute

(٨)

آزاديءَ جي ٽڙپ نمرٽي، جڳندي، جهرڙندي، هلندي،
رت ڳاڙهيندڙ ٻاپا ڪان ورڻي ۾ پت ڪي ملندي،
تيز ۽ جهيڻي ٽيندي جوالا، ڪين سا هرگز اُجهندي،
خون سان پنهنجي جاڳائيندا ڪنهن دم منجهندي،

ڪين ڪٽي ڪنهن ڪال ۾ سوتنترتا آگ اُجهاڻي!
منهنجي ڪين ٿون پائيندي آئي ديو لوڪ مان واڻي!

www.drpathan.com Page # 21

اوڻي ورھيہ ھيءَ جنگ ھلي ۽ ڪئين ويس ڪيائين،
ڪڏھن عريضا، ڪڏھن مقابل، ساھي دم نہ کنيائين،
ڪڏھن لڪل ۽ زير زمين، خون سان وير وڻائين،
ڪڏھن گرم ۽ ڪڏھن نرم پر ھار نہ ڪڏھن مڃيائين،

روپ عليحدا، رنگ نرالا، ناٽڪ مگر ھڪ ناٽي!
ديش جي آزاديءَ جي تو مان ورن ڪرياڻ ڪھاڻي!

(۱۰)

ارڙھن سو پنجاسيءَ ۾ ھو ملڪ جي قسمت پلٽي،
ڪانگريس کي جنم مليو جنھن راھ گھڙي ھڪ سلٽي،
ننڊ ڦٽي برطانيہ جي ۽ نيت ڪٽي تن ڪلٽي،
تڙپ نہ ڪن جنتا جي پاپي، راھ وڻائون اُلٽي،

ظلم سان پر نہ حڪومت ڪائي دائم آ ساماڻي!
منھنجي ڪين ٿون پانڊ آئي ديو لوڪ مان واڻي

Gul Hayat Institute

(۱۱)

منتر تو "سوراج" جي دادا ڀائيءَ ڪي ايجاد،
لوڪ مانيہ پو خون سان لکھڪي تالي ڪيو آباد،
ڏارڻي راجيہ ڪھان تيو ڀارت ھر سوءِ برباد،
آزادي بن ديش بڻيو ناشاد، نہ ٿيندو شاد،

بند سو تنترتا کي حاصل گانڌيءَ جي اڳواڻي!
ديش جي آزاديءَ جي تو مان ورن ڪريان ڪھاڻي!

www.drpathan.com Page # 22

(١٢)

سنڌ جي ٻوڇاريءَ هڪ اياري فوج اهنسا ناهي،
خون نه ٻئي جو وهڻو پنهنجي ڏيندو اهو سپاهي،
وحشي طاقت آڏو آهي اُن جي پيش گواهي،
سر جو سانگو لاهي ايندو راهه ۾ هرڪو راهي،

لوڻ جي گولن سان انگريزي راڄ جي هٽي ڀڃائي!
ديش جي آزاديءَ جي تو مان ورن ڪريان ڪهاڻي!

(١٣)

”ڪرو مرو“ جي منتر سان ڏنهن جوت ڏئين جاڳائي،
وچڙي چوڌر وڌي جوالا، اهڙي آگ لڳائي،
بستر گول ڪري ويا ڌاريا، ظلم جي شامت آئي،
آزاديءَ جي ديويءَ گادي دهليءَ سنڌي سجائي،

ديش دلاري وير جواهر ورتي واڳ سڀاڳي!
منهنجي ڪهن ٽون پائنجهه آئي ديو لوڪ مان وائي!

(١٤)

Gul Hayat Institute

آزاديءَ جي جنگ ۾ سنڌي ويرن پاڻ ملهايو،
جيل پري ۾ جانيون ڏنئي، سوريءَ کي سينگاريو،
لاٺيون، ڦٽڪا، سور ۾ سختيون سر تي سڀ سهسايو،
گهر ٻر، مايون، ملڪيت ڏنئي پارت اڇي وسايو،

تن جي قربانين جي گاٿا سون مثل سڀاڳي!
ديش جي آزاديءَ جي تو مان ورن ڪريان ڪهاڻي!

www.drpathan.com Page # 23 

(١٥)

سو سالن جي هارڻ ڌاڙيون گڏجي اچو جيئنتي،
ڦولي دل اڄ ڦولن وانگيان مڙن رت هسنتي،
مرم سو لهترا جو سمجهون ونيه ڪريان ٿو ونتي،
ملڪ جو هرڪو فرد سڪي ٽٽي آٽيون اهڙي ڪرنتي،

صبح سڪيو "گمنام" پو ٽيندو، ٽيندي رات سهاڻي!
منهنجي ڪين تون ياٺدجه آئي ديو لوڪ مان واڻي!

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 37

# آزاديءَ جي پهرين لڙائي -

# ١٨٥٧ وارو بلوو

---

انگريز هندستان ۾ واپار ڪرڻ جي سانگي ١٧ صديءَ ۾ آيا. اهو وقت هو جڏهن مرهٽا سردارن، راجپوت راجائن، سک گرن ۽ دکن ۾ سلطانن جي مقابلي ڪارڻ مغل سلطنت ٽٽي پيئي هئي ۽ ملڪ اندر ٽڪر ٽڪر تي علحدا ۽ خود مختيار راجيه ستاپن ٿي چڪا هوا. انهن راجائن جون هڪ ٻئي سان جنگيون لڳيون رهنديون هيون. انگريزن جيڪو انگريزي لشڪر پنهنجي واپار جي ڪوٺين جي بچاءِ لاءِ کڙو ڪيو هئو، تنهن جي مدد سان هنن ديش اندر راجنيتڪ طاقت حاصل ڪرڻ جو يتن ڪيو. هو ڪڏهن هڪ راجيه کي ڪڏهن ٻئي راجيه کي سندس دشمن جي خلاف مدد ڪندا هئا ۽ ائين هنن ديش اندر حاڪمي حاصل ڪئي. ڪي پنهنجي فوجي طاقت سان ۽ ڪي وري فريب ۽ دولاب سان هنن جدا جدا راجين کي هيٺ ڪري آخر ساري ملڪ مٿان ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي بادشاهي ستاپن ڪئي.

Gul Hayat Institute

هڪ اتهاسڪار جو گفتو آهي ته آزاديءَ لاءِ يڌ ان سمي ئي شروع ٿيندي آهي جڏهن ڪو ديس پنهنجي آزادي کوهي ويهندو آهي. ڀارت ۾ به انگريزي راجيه کي هٽائڻ لاءِ وقت بوقت جدا جدا هنڌن تي شروعات کان ئي ڪوششون



١٩١٣ع ڪانگريس اجلاس ڪراچيءَ ۾ - آجيان ڪاميٽي

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 43



Gul Hayat Institute

گانڌيجي ڪراچيءَ ۾ ١٩١٦ واري دوري تي

www.drpathan.com Page # 50

# نئين جاڳرتا

---

اساڻي ديس جي اها بدبختي هئي جو ١٨٥٧ واري ٻلوي وقت کي راجائون ۽ نواب ۽ سک فوجون انگريزن سان ساٿ ڏيئي اينءَ جهڙڪري اساڻي اها انگريزي راڄ کي ختم ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش نشڦل ٿي. انگريز ان ٻهرڪ کي ناڪاميا بڻائڻ لاءِ ڪاسائڪا ظلم ڪيا. ٻلوي کي شڪست ڏيڻ کانپوءِ انگريزن راڄ، ڪاروبار ۽ فوجي بندوبست ۾ اهڙيون تبديليون ڪيون جو جن راجائن ۽ نوابن انگريزن کي مدد ڪئي هئي سي خود ڪوڪلا بڻجي پيا. انگريزن جي اها مراد هئي ته هندي فوج وري انگريزن جي سامهون نه ٿئي ۽ انگريزي راڄ خلاف وري ڪو به ڪر کڻي نه سگهي.

پر اها سندن خواهش خوش فهميءَ جي پيدائش هئي. هڪ انگريزي ڪويءَ جو گفتو آهي: آزاديءَ جي جنگ جڏهن هڪ دفع شروع ٿي آهي تڏهن، ختم رڳو تڏهن ٿيندي آهي جڏهن پنهنجي منزل تي پهچندي آهي. رت وهائيندڙ پيءُ اها مشعال پنهنجي پٽ کي ڏيندو ايندو آهي، لڙائيءَ ۾ بعضي شڪستون ملنديون آهن، مگر آخر ۾ جيت ضرور پراپت ٿيندي آهي. نيڪ ان سڌانت موجب هڪ نئين راهه کلڻ لڳي، هڪ نئين جرت جاڳڻ شروع ٿي.

راڻي وڪٽوريا ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کان راڄ کي سڌو

www.drpathan.com Page # 57

سڌار ۽ وديا ڦهلاءَ جــي اُتساهه ”جي لـهر جيڪا ڪيشب چندر سين جڳائي هئي.

ڪراچيءَ ۾ هيرانند اچي رهيو ديوان ڏيارام گدومل جي بنگلي ۾ جتي اخبارن لاءِ مصالحو تيار ڪرڻ ۽ گڏجي سوچ ويچار ڪرڻ ۾ سهوليت ٿئي.

اهڙيءَ طرح ڪراچيءَ ۾ ڪلڪتي کان ڪيشب چندرسين ۽ رام ڪرشن پرم هنس ۽ بمبئي مان سوامي ديانند سرسوتي جي آريه سماج ۽ جسٽس راناڊي جــي پرارٿنا سماج مان ڦٽندڙ ديش ڀڳتيءَ جون امرت ڌارائون وهي اچي سنڌ جي سڪل ماڻهن کي سرسبز ڪرڻ لڳيون.

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 62







Gul Hayat Institute

ڪراچي ڪانگريس اجلاس جا نظارا ١٩٣١

www.drpathan.com Page # 63


Gul Hayat Institute

ڈاکٹر چوئتھرام

www.drpathan.com Page # 67

جو ڀارت ۾ اُڏيل آهي ته هندستان ۾ امن امان ۽ خوشي
پيدا ڪجي ته، ڪيئن گهرجي ته ديس جي ٻيوسيءَ ڌاڙهن
لهارين، انهي وڌندڙ غربت جو تصور ڪن، پنهنجي طلبن ۾
ڪٽر وجهن، خرچ گهٽائين، ۽ اهي زخم جي ديس جي رت
ست چوسي ان کي موت جي سيجائي ليٽائڻ وارا آهن، ان
تي مرهم لڳائين.“

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 68

# گرم ڌر جو اُسرڻ -

## لوڪمانيه تلڪ جي آمد

---

١٨٨٥ کان ١٩٠٥ تائين دنيا اندر ۽ ڀارت ديس ۾ پڻ ڪي اهم واقعا ٿيا جن انڊين نيشنل ڪانگريس جي ڪيترن ئي ڪاريه ڪرتائن جي من اندر هڪ انقلابي ڦيرو آندو ۽ عام لوڪن ۾ انگريز سرڪار خلاف باهه ڀڙڪائي

هڪڙو ته هڪڙي ننڍڙي جيتامڙي ايشيائي ملڪ، جپان، يورپ جي هڪ شاهي سلطنت جي حاڪم، زار کي جنگ ۾ شڪست ڏيئي يورپي شڪتيءَ جي گهمنڊ کي ٽوڙي ڇڏيو ۽ ايشيا نواسين ۾ هڪ قسم جو سوابمان ۽ آتم وشواس پيدا ڪيو.

ٻيو دادا ڀائي نوروجيءَ لعاري ئي ڏونڪر وڄائي اعلان ڪيو ته انگريز جو هندستان ۾ صلح ۽ امن قائم ڪرڻ جي دعوي ڪيو وينا آهن سو هڪ ڍونگ آهي، انگريز ته ڀارت ورش کي ڦري لٽي، سڃو ۽ ڪنگال ڪري رهيو آهي.

ٽيون انگريز سرڪار هندستان جي سياسي پبلڪ جيون کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ ۽ راشٽريتا جي ڀاونا ۽ آزاديءَ جي تڙپ کي دٻائڻ لاءِ بنگال جو ورهاڱو ڪيو. ان جو نتيجو ابتو نڪتو جو سرڪار خلاف نفرت ۽ رنجش ٻيڻي ٽيڻي ٿي ويئي.

Gul Hayat Institute

ٽلڪ مهاراج ڪڙي ٽڪا چيٽي ڪٽي. ٥ مئي ١٨٩٧ ڪـي ڪيسري اخبار ۾ لکيائين:

پليگ ڪمشنر ظلم ڪري رهيو آهي. مرڪزي سرڪار کي چوڻ مان ڇا ورتو.

١٥ جون ١٨٩٧ جي ڪيسري اخبار جي پرچي ۾ شواجي اُتسو جي رپورٽ آئي. ان رپورٽ ۾ ان اُتسو ۾ "شواجي شلوڪ" ٽالي سان ڪي شلوڪ پڙهيا ويا هئا جي اخبار ۾ پڌرا ڪيا ويا. هڪڙي تقرير ڪجهه هيئن لسيتور هئي:

"اڄ شواجي اُتسو تي هرڪنهن کي خوش ٿيڻ گهرجي. اسين پنهنجي ديش جي وڃايل آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهيون ۽ اسان سڀني کي گڏجي اهو بوجهو کڻڻو آهي، تنهن ڪري پنهنجي من ۾ جيڪو رستو اچي سو اختيار ڪري ڪو اهو بار کڻڻ جي ڪري نه اُن جي آڏو رنڊڪ وجهڻ ٺيڪ نه آهي. اسانجو پاڻ ۾ جهيڙو اسانجي ترقيءَ جي آڏو اچي رهيو آهي. جيڪو ملڪ کي چيڀاڙي ان کي ڪاٽي ڇڏيو؛ باقي ٻئي جي ڪم ۾ رنڊڪ نه وجهو. هي موقعا جي ديس جي ايڪتا آڻين ٿا سي پلي آيا."

ٻي هڪڙي تقرير ڪجهڙ ڇيو:

"جن لوڪن فرينچ انقلاب ۾ ڀاڱو ورتو هو ان خون ڪرڻ جي تهمت کان ٻڌهه انڪار ڪيو ۽ چيائون ته، اسان ته پنهنجي رستي مان ڪنڊا ٻي دور ڪيا آهن. اهو مثال ڇو ڪين مهاراشٽرا (شواجي) سان لڳائڻ گهرجي."

www.drpathan.com Page # 76



چاپيڪر ڀائر، دامودر، ٻالڪرشن، واسديو، مهاديو چتري کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويو. ناتو ڀائرن کي وري ديش نيڪالي ڏني ويئي. تنهن سواءِ پوني شهر تي چٽي پوليس مڙهي ويئي يعني پوني نواسين کي هيسائڻ ۽ دٻائڻ لاءِ خاص پوليس فورس پوني ۾ رکيو ويو ۽ انهن جو خرچ وري پوني نواسين تي ئي مڙهيو ويو.

سرڪار جي انهيءَ دٻاءَ جي نيتيءَ خلاف انڊين نئشنل ڪانگريس جي اجلاس ۾ سر سريندر ناٿ بئنرجيءَ تقرير ڪندي چيو:

”سرڪار پوني تي چٽي پوليس مڙهي آهي. اها سڀڪن وڏي ڳالهه آهي. لوڪمانيه ٻال گنگادر تلڪ ۽ پوني جي ٻين اخبارن جي سمپادڪن کي گرفتار ڪرڻ ۾ سرڪار وڌيڪ ڀاري ڀل ڪئي آهي. اسانکي لوڪمانيه لاءِ پوري همدردي آهي ۽ قيد جي ڪوٺڙيءَ اندر ٻاساڻجي هوندي، ڀاونا هن سان ساڻ آهي. سارو ديش اڄ روئي رهيو آهي ۽ لڙڪ هاري رهيو آهي.“

Gul Hayat Institute

# بنگال جو ورهاڱو

سرڪار جي دٻاءُ جي نيتيءَ ۽ خاص طور تي بنگال جو ورهاڱو ڪري، ان کي ٻن ٽڪرن ڪرڻ جي پڌرائيءَ ملڪ ۾ طوفان کڙو ڪري ڇڏيو. اصل ۾ بنگال، بهار، اوڙيسا ۽ آسام جو هڪ يڪو پرڳڻو هو جو ليفٽيننٽ گورنر جي هٿ هيٺ هلندو هو. هند وائيسراءِ لارڊ ڪرزن ان جا ٻه ڀاڱا ڪري هڪ ۾ اوڀر بنگال ۽ آسام آندو ۽ ٻئي ۾ اولهه بنگال، بهار ۽ اوڙيسا آندا. وائيسراءِ جو مقصد هو ته بنگال پرڳڻي اندر جا راڄنيتي سجاڳي پيدا ٿي آهي ان کي سولائيءَ سان ڪچلي سگهجي.

١٩٠٥ جي آڪٽوبر ۾ جڏهن ٿي ورهاڱو عمل ۾ آيو تڏهن سڄي بنگال ۾ ڄڻ ماتم مچي ويو ۽ ان مان ديش ڀڳتيءَ جا نوان انوکا سُر ۽ آلاپ نڪتا. انهن ۾ خاص طور لوڪپريه ٿي ويو آنند مٺ ناول ڪتاب ۾ آيل گيت بندي ماترم.

ڪي بولي مان تون ابلا

هي ڀارت ماتا! توکي ڪير ٿو چوي ته تون اَبلا آهين.
ٽيهه ڪروڙن جي مک مان جو ناد وڄندو
سٺ ڪروڙ ڀڄائن (ٻانهن) مان جو تيغ هلندو
تون ته اَڪٿ شڪتي ۽ ٻل واري آهين
توکي ماتا وندنا.

www.drpathan.com Page # 81



شهيد هرچندراءِ وشنداس

Gul Hayat Institute



Martyr Hemu Kalani
who was hanged by the Military
Authority for uprooting Railway Track
during the Quit India Movement of 1942

ٿا. لهنڊڪري راڄڌاني ڪٽڪ. نظر ڪـرڻ بنگال جو ورهاڱو
ڪرڻ ضروري آهي."

بنگال جي اوڀر واري ڀڱي ۾ مسلمانن جـي گهڻائي
هئي. سرڪار جي نيت اهـا هئي تـہ مسلمانن کي الـڳ
ڪري، کين وڌيڪ سهوليتون ڏجـن ۽ کين آزاديءَ جـي
اڀياسڪن کان الڳ ڪري هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ قوت
وجهجي.

اوڀر بنگال جي ليفٽيننٽ گورنر چيو "منهنجون ٻہ زالون
آهن ۽ انهن ۾ مسلم زال منهنجي پياري آهي."*

٧ آگسٽ ١٩٠٥ تي ڪلڪتي جي ٽائون هال ۾ ورهاڱي
خلاف اعتراض ورڻ لاءِ هڪ ميڙ سڏايو ويو. ميڙ جي پڌري
ڪيل وقت کان ڪلاڪن جا ڪلاڪ اڳـ شاگرد جوڙا جوڙا
ٿي قطارون ٺاهي، سرگسون ڪري اچڻ لڳا تان جو سندن
تعداد ١٠ هزار ٿـي ويو. ساري شهر هڙتال ڪئي. ميڙ ۾
مزدور هڪ طرف هوا تہ ٻئي طرف ڪامورا، راڄائون ب
اچي ميڙ ۾ شامل ٿيا ۽ هڪ ٻئـي سان ڪلهي ڪس ڪري
رهيا هئا. "سنجيوني" اخبار ١٣ جولاءِ ١٩٠٥ تـي لکيو
انگريزي مال جو بهشڪار ڪرڻ گهرجي.

يڪدم لوڪ ان رٿ کـي پڪڙي ويـا. بنگال جي
ورهاڱي تي اعتراض جو اظهار ڪرڻ لاءِ ٻاريسال جي شهر ۾
هڪ سڪول جا شاگرد پيرين اگهاڙا ويا وڃا تہ سڪول جي

---

* هندستان جي سياست ۾ مسلمانن جو رول-
ڪملپش شرما ١٩٨٥

www.drpathan.com Page # 92

اختياريءَ وارن کين سڪول مان ڪڍي ڇڏيو.

۲۸ سيپٽمبر درگا پوڄا جي ڏينهن ڪلڪتي جي ڪالي گهاٽ مندر ۾ ۵۰ هزار ماڻهو اچي ڪٺا ٿيا ۽ درگا ماتا جي اڳيان هر هڪ مکه مان پرڻگيا ڪئي ته هي جڳدا آهيهجي سمڪ وچن ٿو ڪريان ته مان انگريزي شيون خريد نه ڪندس ۽ ڌارين کي اهو ڪم ڪونه ڏيندس جيڪو ديسي ماڻهو ڪري سگهندا.

ورهاڱي کي عمل ۾ وجهڻ لاءِ ۱۶ آڪٽوبر ۱۹۰۵ مقرر ڪئي وئي. ڪوي رويندر ناٿ اهو ڏينهن رکڙي ٻڌڻ جو ڏينهن ڪري ملهائڻ جو اعلان ڪيو ۽ هڪ خاص راڳ ان موقع لاءِ تيار ڪيائين. لوڪ راڳ ڳائيندا گنگا ڪناري ويا. انهن ۾ سريندر ناٿ ٻئنرجي ۽ ٻيا اڳوان هئا، سڀني ٻيرين اگهاڙا ۽ پيدل. ڪوي ٺاڪور جو راڳ جو هو ٻارن ڳائي رهيو هو سو هئو:

جڏهن ايشور هڪ ڪيو آهي
اُن کي بادشاهي تلوار
ڪيئن ٻه اڌ ڪري سگهندي؟

گنگا جي ڪناري ڪوي ٺاڪور پرڻگيا ڪرائي:

سرڪار سو ڪٽي وراهي
اسين ته هڪ آهيون
هڪ ئي رهنداسون

۱۵ اپريل ۱۹۰۶ تي ٻئريسال ۾ عبدالرسول ٻئريسٽر جي زير صدارت هڪ ڪانفرنس ٿي. سرڪار حڪم ڪيو ته وندي ماترم جو نعرو ڪو ڪرڻ نه ڏيڻو. ٻنگال کان ٻاهرئين

"اول ماڻهن جو ڏاڍ بنگال جي ورهاڱي خلاف هئو، اهو وڌي هيئر سرڪار جي هر هڪ ڪارروائيءَ خلاف ٿياءِ وڌيو آهي. هاڻ ته هرڪو ڪٿيو پيو طلب ڪري سوراج جي، مڪمل آزاديءَ جي. سياسي خونريزي ڪرڻ ۽ اسڪولي شاگردن جي واس ٿي اچي ويو آهي."

ڀارت جي آزاديءَ جي پڙ جي الهاس جي جن کي ڄاڻ آهي. تنهن کي هن لهر ۾ ١٠ سال پوءِ مهاتما گانڌيءَ جي هلايل لهر جي وچ ۾ هڪ عجيب ۽ دل چسپ هڪ جهڙائي نظر ۾ ايندي. ١٩٠٨ ۾ گنگا نديءَ جي ڪنڌي تي جنتا وچن ڪيو ته ١٩٣٠ ۾ راويءَ جي ڪنڌي تي ڀارتواسين آزاديءَ جي پرلگيا ڪئي. ساڳئي نموني جا جلوس، ساڳئي نموني جنڊيءَ اڳيان مٿو ٽيڪڻ وغيره.

١٨٥٧ جي آزاديءَ جي پهرئين ڪوشش ڪانپوءِ شاهي پٺاڻي ٽي هي پيو آندولن هو جو لڳ ڀڳ ٥٠ سالن ڪانپوءِ آيو. پنجاهه سالن جي جيان ٿيان ماٺائيءَ ڪانپوءِ بنگال جي ورهاڱي وري نئين سر ديش ڀر ۾ انگريزي راڄ جي خلاف حقارت پيدا ڪئي.

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 94

# سوديشي تحرڪ ۾ سنڌ جو رول

بنگال جي ورهاڱي ڪري جا سوديشي هلچل بنگال ۾ شروع ٿي ۽ سڄي ديش ۾ ڦهلجي وئي اُها سنڌ تائين ب اچي پهتي. قومي تعليم ۽ انگريزي مال جو بهشڪار انهن اسمن جو سنڌ ۾ ب ڪافي پرچار ٿيندو رهيو.

مهاراج لوڪرام شرما جو بنارس ۾ وديا وٺي رهيو هو سو بنگالين جي سنگ ۾ اچڻ ڪري پڙهڻ ڇڏي حيدرآباد ۾ اچي سوديشي وستن جو دڪان کولي ويٺو.

ٻيو اُن زماني جو ديش ڀڳت جنهن سڄي سنڌ کي پنهنجن گيتن ۽ راڳن سان هلائي ڇڏيو ۽ ٻڌندڙن جا رونگٽ کڙا ڪري ڇڏيندو هو سو هو ساهتي نواسي سرڳواسي ٽولارام ميگھراج بالاڻي. هو ڪوي هو، گائڪ هو، گياني هو ۽ سڀ کان وڌيڪ هو ديش ڀڳت هو ۽ سوراج ۽ سوديشيءَ جو زبردست پرچارڪ هو. هو پيرن پنڌ يا گڏهن وهٽ تي ٻاراڻ رستي هڪڙي ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ ڏانهن پيو ڦرندو گهرندو هو ۽ جوانن کي ديش ڀڳتيءَ جو امرت رس پياريندو هو.

سکر ۾ سرڳواسي ديش ڀڳت ورومل بيگراج جي ڪوشش سان سوديشي مال جي وڪري لاءِ سوسائٽيءَ جو دڪان کوليو ويو. سيٺ چيٿومل هرڊرام (سيٺ چيٿومل ڀولچند والي ڪوٺيءَ جا مالڪ) سوديشي ڪپڙي ناهڻ جا اڏا شڪارپور ۽ سکر ۾ وڌا.

www.drpathan.com Page # 99


Gul Hayat Institute

شهيد ميگهراج لالا



شهید د ډاکټر

Gul Hayat Institute

# سنڌ ۾ راڄنيتي جيون جي شروعات
# پهرين راڄنيتي ڪانفرنس

---

مٿي ٻڌايو ويو آهي ته سنڌ مان هر سال ڪي نه ڪي وطن دوست ۽ خاص طور تي ڪي ناميارا وڪيل انڊين نيشنل ڪانگريس جي ساليانن اجلاسن ۾ ڊسمبر ۾ ناتال جي موڪلن جي موقعي تي وڃي شريڪ ٿيندا هئا. اُنهن جي اُن سمپرڪ مان جا ملڪي محبت جي جنبش پيدا ٿي، تنهن سنڌ ۾ پهرين پرانتڪ راڄنيتي سميلن ڪوٺائڻ جو ويچار پيدا ڪيو. سميلن ۱۹۰۸ ۾ سکر ۾ سيٺ هرچندراءِ وشنداس جي پرڌانپڻي هيٺ ٿيو.

سيٺ هرچندراءِ جيڪو ۱۸۸۵ ۾ بمبئيءَ مان ايل.ايل.بي. پاس ڪري ڪراچيءَ واپس وريو ته ديوان ڏيارام گدومل سان پبلڪ ڪارج ۾ شريڪ ٿيو. هو ديوان ڏيارام کي پنهنجو ”هيرو“ يا آدرشي شخص ڪري مڃيندو هو. ٻئي ڄڻا سنڌ ۾ آرٽس ڪاليج جي ستاپنا لاءِ گڏجي ڪوشش ڪرڻ لڳا خاص ڪري گهربل ناڻي ڪٺي ڪرڻ لاءِ. سيٺ هرچندراءِ وڪيلن ۾ اهڙو ته پيارو ٿي ويو جو ڪيس بار ائسوسيئيشن جو سيڪريٽري چونڊيائون جنهن پد تي هو ۳۸ سال رهيو. هو ۱۸۸۷ ۾ ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو ميمبر ٿيو ۽ ۱۹۱۱ ۾ هو پريزيڊنٽ چونڊيو ۽ لڳاتار ڏهه سال سانده (۱۹۱۱-۱۹۲۱) پريزيڊنٽ پيو چونڊبو هو.

www.drpathan.com Page # 109

نوجوانن جي ملڻ لاءِ مرڪز بڻجي پيو. انهي هنڌن لسي انگريزي راڄ خلاف ساهتيه پڙهيو ويندو هو ۽ سوامي رويڪانند جا دل اٿاريندڙ پتر ۽ ليک لوڪن کي پڙهي ٻڌايا ويندا هئا.

برهم چريه آشرم جو ڪاروهنوار ڪيئن هلندو هو ۽ ان جي خرچ پکي جو ڪهڙو پربنڌ هو ان باري ۾ مهاراج وشنو شرما ڊاڪٽر چوئٿرام جي جيونيءَ ۾ لکي ٿو:

چاليهه پنجاهه ڇوڪرا آشرم ۾ رهڻ اهن لاءِ کاڌو خوراڪ گهرجي. آشرم ۾ ڇا نه ٿي کپندو؟ صندل، پٽڙي، پهرڻ لاءِ ڪپڙا، پڙهڻ لاءِ ڪتاب، اسڪول لاءِ ضروري فرنيچر، آشرم جي پهرين مهورتي جلسي ٿي ماڻهن کي اهڙو خوش ڪيو جو پوءِ اناج ڪپڙو ۽ ٻيو ضروري سامان ازخود آشرم ۾ اچڻ لڳو. چوئٿرام ڪيترن کان ماهوار چندا ٻڌايا هئا ۽ پاڻ پنهنجي سر چندا وصول ڪري ايندو هو. ٻر جي وقت لي کوٽ پوندي هئي ته چوئٿرام هڪ اڪير ڪن دوستن کي چوندو هو ته پنهنجو پئسو يا اناج جام ملي ويندا هئا. چوئٿرام ۾ شهر جو پورڻ وشواس هو.

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 118

سڌو ڪئناڊا جي بندر تي پهچندو ۽ رستي ۾ ڪٿهن به
بندر تي نه بيهندو.

ڪئناڊا برطانيه ڪامنويلٿ جو هڪ حصو هئي. ان
ٺهراءَ جو مقصد اهو هو ته ڪوبه ڀارتواسي ڪئناڊا ڏانهن
نه وڃي سگهي ڇو ته اهو ممڪن ئي ڪونه هو ته ڪو سڌو
جهاز هندستان مان پرچي نڪري ۽ رستي تي بيهڻ کانسواءِ
ڪئناڊا ۾ پهچي. ان ڪري ڪانگريس ان فيصلي خلاف
ٺهراءُ پاس ڪيو.

پرسد انقلابي بابا گردت سنگهه ان قانون جي شرطن پوري
ڪرڻ لاءِ جپان مان هڪ خاص جهاز ڀاڙي ڪري ۱۹۱۴ ۾
ڪئناڊا ڏانهن روانو ٿي ويو. ان جهاز ۾ سنڌ جو نيتا سوامي
گووندانند ۽ سندس ڀاءُ به چڙهيل هئا. اهو جهاز ڪئناڊا
پهچي تنهن کان اڳ پهرين مهاڀاري لڙائي شروع ٿي وئي ۽
ڪئناڊا ۾ جهاز کي واپس وڃڻ جو حڪم ڏنو ويو. جڏهن
اهو جهاز هندستان ۾ پهتو ته پوليس ان کي سمنڊ ۾ ئي
گهيرو ڪيو ۽ بابا گردت سنگهه ۽ ٻيا ٽپو ڏيئي ڀڄي ويا ۽
سوامي گووانند کي گرفتار ڪيو ويو. اهو جهاز آزاديءَ جي
جي يڌ ۾ ڪاماگاٽا مارو جهاز جي نالي سان پرسد آهي.

# هوم رول تحرڪ ۽ جليانوالا ڪوس

---

١٩١٤ ۾ يورپ ۾ پهرين مهاڀاري لڙائي شروع ٿي، انگريزن ۽ جرمنيءَ جي وچ ۾. مهاتما گانڌيءَ ١٩١٥ ۾ ڏکڻ آفريڪا مان هندستان واپس آيو. ڏکڻ آفريڪا ۾ ڀارتواسين سان ٿيندڙ ناحق خلاف مهاتما گانڌيءَ ستياگرهه جي هٿيار جي ايجاد ڪئي ۽ ڪاميابي حاصل ڪيائين.

هندستان ۾ اچڻ بعد مهاتما، گوپال ڪرشن گوکلي جي صلاح پٽاندر ديس جو دورو ڪرڻ شروع ڪيو ۽ هڪ سال اهو سندس دورو جاري رهيو. مهاتما گانڌيءَ، گوکلي کي پنهنجو راڄنيتي گرو ڪري مڃيندو هو، ان ڪري ٿي هن سندس صلاح مڃي نه فقط ديس جو دورو ڪيو مگر تقريرون ڪرڻ کان به ڪنارو ڪيائين.

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ مهاتما گانڌيءَ انگريزن جو ساٿ ڏنو جيتوٽيڪ ٻيا ڪيترا اڳوان انگريزن جو ساٿ ڏيڻ جي خلاف هئا. مهاتما گانڌيءَ جو ويچار هو ته هينئر جڏهن انگريز خود مصيبت ۾ آهن تڏهن اسانکي سندن لاءِ مونجهارو پيدا ڪرڻ نه گهرجي. مهاتما گانڌي انگريزن لاءِ لشڪر جي ڀرتي ڪرڻ لڳو. مهاتما گانڌيءَ جو انگريزن جي نيڪ نيت ۾ وشواس هو.

ٻئي طرف لوڪمانيه تلڪ ۽ ڪيترا سياسي ليڊر انگريزن جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا. سندن انگريزن جي نيڪ

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 125



اللهه بخش سومرو

Gul Hayat Institute



شهيد هاسارام پمناڻي

www.drpathan.com Page # 126



Gul Hayat Institute

سنڌ ۾ پهرئين راڄنيتي ڪيس ۾ سزاياب - چيٺومل هريرام،
گوڙڌن شرما ۽ ويرومل بيگراج

www.drpathan.com Page # 130

جليانوالا بــاغ واري ڪوس جي باري ۾ هڪ وڏي حقيقت درج ڪرڻ يوگيه هيءَ آهي تہ هڪ پاري جوان اُڌم سنگهہ ۲۱ سالن ڪا لپوءِ پنجاب جي گورنر اوڊائيــر کي لنڊن ۾ گولي هڻي قتل ڪيو.

ظالم ڊائر گولي بازيءَ ۾ قتيلن جو ڪو بہ علاج ڪونہ ڪيو. لاش بہ باغ ۾ پيا ئي رهيا. ٻئي ڏينهن ڪرفيوءَ جي هوندي ڪي سچڻ جوکم ڪٺي بہ بــاغ ۾ قتيلن جي سيوا ڪرڻ لاءِ ويـــا. انهن سچڻن ۾ هڪ ۲۰ سالن جو جــوان اُڌم سنگهہ بہ هئو. دردي نظاري سندس دل کي ايترو تہ ڇرڪيو جو هن پرڻ ڪيو تہ مان هن نـاحق خون جو بـدلو وٺندس.

قاتل ڊائر ۽ گورنر جنرل اوڊائر انگلنڊ واپس هليا ويا. اُڌم سنگهہ ولايت ڏانهن وڃڻ لاءِ سال ساندهہ پورهيو ڪري ناڻو ڪٺو ڪيو. جڏهن اُتـي پهتو تہ ڪيس خبر پيئي تہ ڊائر تہ مري ويو آهي. هن هڪ ميٽنگ ۾ اوڊائـر کي گولي هڻي ختم ڪيو ۽ ائين پنهنجو پرڻ پورو ڪيو.

گولي هڻي هو ڀڄي ڪونہ ويـو. بيٺو رهيو ۽ پاڻ کي پوليس جي هٿن ۾ ڏنائين. هـــن ڪورٽ آڏو بيان ۾ چيو "اوڊائر موت جي لائق هو. مونکي موت جي سزا ملڻ جي مونکي ڪا پرواهہ ڪانهي. مـان ديس جي صدقي ٿي مران ٿو." کيس ڦاسي ڏني وئي.

www.drpathan.com Page # 135



ڪراچيءَ ۾ پوليس جي لٺبازي



ڪراچيءَ ۾ شهيد ڏاڪڙيه جو ماتمي جلوس

www.drpathan.com Page # 136



ستياگرهين جي شڪارپور ۾ آجيان



ستياگرهين جو گروهه، وچ ۾ پروفيسر آڏوارام

Gul Hayat Institute

سنڌ جو ڀاڱو

ٽڪري ڇڏيو. سڀ اٿي بيهي ڳالهائڻ وڃائڻ ۽ اڇلڻ لڳا. ايتري قدر جو ڀٽي منچ تي ويٺل به مست ٿي ويا ۽ ڊاڪٽر چوئٿرام کي ڇڪي ٻهارا ڳالهي ۽ لوڪماليه جي پير ۾ وجهي ويهاريائون ۽ هيٺ پنڊال وارا اصل ڇيڇ هڻڻ لڳا پڙهائي لڙائي سان:

”لوپ الوار ڪو لون
ڪنهن ڏي ڏار ڪو لون“

۽ ڊاڪٽر چوئٿرام سٽيج تي اٿي سڀني لڙائي جون موٽ ۾ هيڪڙي سٽون ورائيون

”اسين لهين هارنا
ڪڏهن لهين هارنا
پاوين ساڀي جان جاوي.“

اسٽيج تي ويٺل پوڙهي اڳوان ڊاڪٽر چوئٿرام سان گڏ اٿي بيهي اهي سٽون ورورو ڪري ڳائڻ لڳا ۽ نچڻ لڳا. کهڙو نه انساهي اُٺل نه ورق جهڙا نظارا ڏسندا رهيا اڳوان، گرجندو رهيو سڄو پنڊال، گونجيو سڄو امرلسر ۽ گونجيو سڄو ديش. ڌرتي سرڪار جي دل! پلڪيس (ڏڪ ڏڪ) ٿيو هر ڀارتواسي؟ جو من ۾ دلين ۾ گهري ويٺي اها قومي لرزش - له - ”جيستائين ملڪ آزاد نه ٿيو آهي، تيستائين سالت ۾ ڪندا سين.“ امرلسر اٺون روح ملڪ ۾ ڦوڪيو ۽ ڊاڪٽر چوئٿرام الهي ڪاري ۾ پنهنجو پورو حصو ڏنو! ڊاڪٽر چوئٿرام سنڌ جي نڍي دائري مان نڪري ڀارت جي اڳوانن جي منچ تي ڪلهو ڪلهي ۾ لائي ماتا ڀارت جي سيوا ۾ تن من ارپڻ ڪيو.“

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 138

هيلتائين سنڌ جيئن سرڪاري ڪاروبار ۾ بمبئي سان
گڏ هئي تيئن ڪانگريس سنسٿا به بمبئي سان گڏيل هئي.
اُنهن ڏينهن ۾ ڪانگريس سنسٿا کي ڪو به پڪو قاعدو
قانون ڪونه هوندو هو.... سڀئي بمبئي علائقي مان اُميدوار
ڪانگريس ۾ جيترا عيوضي آيا هئا تن کان پوءِ ته صرف
سنڌ مان آيا هئا... ڊاڪٽر چوئٿرام طلب ڪئي ته سنڌ کي
ڪانگريس ۾ جدا درجو ڏنو وڃي ڊاڪٽر صاحب جي اها
طلب منظور ڪئي وئي ۽ سنڌ جي الڳ پرانتڪ ڪانگريس
ڪاميٽي ٺاهڻ جي اجازت ڏني وئي.
!

سنڌ ۾ واپس اچي ڊاڪٽر سنڌ پرانتڪ ڪانگريس
ڪاميٽي استاپن ڪئي. هو ئي اُن جو پهريون پريزيڊنٽ چونڊيو
ويو ۽ پڇاڙيءَ تائين گهٽوگهٽ هو ئي اُن پد تي رهيو.

Gul Hayat Institute

# دور ديسن ۾ انقلابي سرگرميون

## ڪاما گاتا مارو جهاز جي ڪهاڻي

آزاديءَ لاءِ تحرڪ جي سلسلي ۾ ١٩٠٥ واري بنگال جي ورهاڱي جڙ انهن جي دور کي جنم ڏنو. ان کان اڳ، قومي اڳواڻن کي هڪ وشواس هئو ته جيئن جو برطانيه سرڪار خود لوڪ راڄ جي سرشتي ۾ بدل آهي انگريزي پارٽ جي حاڪمن کي پارلواسين جي چاهنائن ۽ راين لاءِ ضرور قدر ٿيندو. مگر وائسراءِ لارڊ ڪرزن جو لوڪن جي راءِ کي نظرانداز ڪري بنگال جو ورهاڱو ڪيو ۽ ورهاڱي خلاف زبردست آندولن کي نظرانداز ڪري پنهنجي حرڪتي يوجنا کي عمل ۾ وٺڻ لاءِ ان قومي اڳواڻن کي وڏو ڌڪو ڏيئي ڇڏيو ۽ سندن برطانيه جي ليڪ ليٽيءَ ۾ وشواس کي لوڏي ڇڏيو. ان پرستٽيءَ هڪ سرگرمين کي جنم ڏنو ۽ انهن جو دور شروع ٿيو.

اها هڪ ويچار ڌارا رڳو ديس اندر محدود نه رهي مگر پرديس ۾ به ان مونهن ڪيو. شيام جي ڪرشن ورما ۽ وير ساورڪر ان جا وديشن ۾ پرچارڪ ۽ حامي هئا.

وير ساورڪر ١٩٠٠ ۾، جڏهن اڃا ١٧ سالن جو هئو، "متر ميلا" جي استاپنا ڪئي. پوءِ اُنجو نالو ڦيرائي "ابهنيه پارٽ" رکيائين. ان سنستا ۾ گهڻو تڻو جوشيلا جوان پڙهي ڪيا ويندا هئا. انهن جوانن ۾ انقلاب جو طريقو اپنايو.

www.drpathan.com Page # 145



جي جوت جاڳائي ۽ انگلينڊ ۾ انڊين هوم رول سوسائٽي برپا ڪئي ۽ مهاتما گانڌيءَ جي ميدان ۾ اچڻ کان گهڻو اڳ، اسڪار جي هٿيار ڪتب آڻڻ جو سنديش ڏنو.

دنيا جي جدا جدا ڪنڊن ۾ وڃي جڏهن آزاديءَ جو سنديش پهچايو اهو ڀائي پرمانند گرو تيغ بهادر واري سنبندي ڪٽنب مان هو. ڀائي پرمانند، ويرساورڪر جيان ١٨٥٧ واري آزاديءَ جي ڪهاڻي لکي ۽ انگريزن جي ظلم جو ڀانڊو ڦوڙيو، مگر سرڪار اها شايع ٿيڻ نه ڏني. سندس ٻي رچنا ”ڀارت ڪا اتهاس“ سرڪار ضبط ڪئي. ڪيس ڦاسيءَ جي سزا علي پر شري سي. ايف. انڊبروز ۽ پنڊت مالويه جي ڪوشش سان اها سزا ڦيرائي جنم ٽيپ ڪئي ويئي.

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 146

# اوائلي راڄنيتي مقدما

---

١٩٢١ ۾ جڏهن مهاتما گانڌيءَ اسهڪار آندولن شروع ڪيو تڏهن هن ڪم ڪندڙن کي هدايت ڪئي ته جيڪڏهن سرڪار طرفان اوهانجي مٿان ڪيس ڪيا وڃن ته اوهان ڪو به بچاءُ نه ڏجو نڪي وڪيل ڪريو. اوهين ڪورٽ جي آڏو پنهنجو قصور قبول ڪريو ۽ خوشيءَ سان سزا همواري ڪريو. وقت ۾ وقت اوهان ڪورٽ اڳيان پنهنجو بيان ڏيو جنهن ۾ کلم کلا چئو ته انگريز سرڪار خلاف بغاوت ڦهلائڻ اوهان پنهنجو فرض ٿا سمجهو.

مهاتما گانڌيءَ جي ان هدايت ڏيڻ پٺيان ٻه ڪارڻ هئا. هڪڙو هيءُ ته هڪ ستياگرهي ڪو ڏوهه ڪري ته ان کان مڪرڻ ٿي ڪو نه ٿو سگهي. اسين جڏهن ڄاڻي واڻي سرڪار خلاف بغاوت ڦهلايون ٿا ته پوءِ بچاءُ ڪهڙو ڏينداسون. هڪ ستياگرهي ان کان انڪاري ڪيئن ٿي سگهي.

ٻيو سبب هي هئو ته ڪيسن لڙڻ ۽ وڪيلن ڪرڻ پٺيان اٿاهه ناڻو برباد ٿيندو هو. آزمودي ڏيکاريو هو ته جڏهن به ڪي محب وطن ڪيسن جو ڪورٽ ۾ مقابلو ڪندا هئا، تڏهن ڪين اڪثر اڪيچار ناڻو هارڻو پوندو هئو ۽ پوءِ به ڪين سزا ڏني ويندي هئي. راڄنيتي ڪيسن ۾ ڪورٽون انصاف ڏورو ٿي ڪنديون هيون. اڪثر اهي ڪيس انگريز ماجسٽريٽن وٽ هلندا هئا ۽ جيڪڏهن ٻاري ماجسٽريٽ

www.drpathan.com Page # 155



# ٻيو راڄنيتي ڪيس - چيئمل پرسرام

ٻيو مکيه راڄنيتي ڪيس جو سرڪار طرفان سنڌ ۾ ڪيو ويو سو هو پرسڌ اخبارنويس شري چيئمل پرسرام خلاف، اهو ڪيس هڪ ليک جي ٻاري ۾ هو جو ليک چيئمل پنهنجي اخبار ”هندواسي“ ۾ لکيو هو. اهو ڪيس ۾ بغاوت واري ١٢٤ الف قلم هيٺ ڪيو ويو هو ۽ ان ۾ شري چيئمل کي ١٨ مهنا جيل جي سزا ملي.

اهو ڪيس ”هندواسي“ ۾ ان ليک جي ٻاري ۾ ڪيو ويو جنهن ۾ سپاڏڪ دهلي ۾ ۳۰ مارچ ١٩١٩ تي پوليس جي گوليبازي ڪي ننديو هو. ۳۰ مارچ ١٩١٩ جو ڏينهن سڄي هندستان ۾ رولٽ انڪٽ خلاف اعتراض ڏيکارڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو هو. پوءِ ان اعتراض لاءِ تاريخ بدلائي وئي هئي مگر ڪيترن شهرن ۾ تاريخ جي ڦيرڦار جو اطلاع ڪو نه ٿيو هو. ان ڪري دهلي ۾ اهو اعتراض جو ڏينهن ۳۰ مارچ تي ئي ملهايو ويو.

ان ڏينهن شهر ۾ زبردست هرتال هئي ۽ شهر ۾ ڪجهه به نه ٿي مليو. سوامي شرڌانند ان ڏينهن جلوس جي اڳواڻي ڪئي. جلوس جڏهن جامع مسجد وٽ پهتو تڏهن پوليس ان کي روڪيو. سوامي شرڌانند ڇاتي کولي پوليس کي للڪاريو ڪئي ته گولي هلايو. اُن ڏينهن پوليس جي گوليبازيءَ ۾ ڪجهه ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا.

www.drpathan.com Page # 160

انقلابين کي همٿائيندو هو.

شري چوئٿرام ولڀداس گدواڻيءَ هڪ مضمون ۾ لکيو ته:
”آزاديءَ جي تڙپ کي لتاڙڻ لاءِ سرڪار جي
ظالماڻي نيتيءَ جو هڪ اهو مثال شڪارپور جي شري ليکو مل
مرليڌر ڪمل جو درج ڪرڻ لائق آهي. هو سرڪاري نوڪري
۾ انجنيئري کاتي ۾ هو پر سوديشيءَ جو پرچارڪ هو. هو ته
پرچارڪ پڻ. سرڪار کي اها ڳالهه ڪٿان ٿي وڻي؟ هن جي
بدلي اوچتو ڪيائون، هن جو اضافو بند ڪري ڇڏيائون. پر
شري ڪمل پنهنجي وڙي ڪين ڇڏي.

ساهتيءَ جي جوان ٽولارام ميگهراج ٻالاڻيءَ جا ڪتاب
ڪيئن سرڪار ضبط ڪيا، انجو احوال اڳ ڏنو ويو آهي.

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute

ڏاراسدا جي ڪاهه ۾ سنڌي جٿو



Gul Hayat Institute

Injured in the Dharasana raid

# اسوڪار هلچل - گانڌي يگ جو آرنڀ

---

1920 ڌائين ڪانگريس ۽ ديش جي اڳواڻي لوڪمانيه تلڪ جي هٿن ۾ هئي. مهاتما گانڌي ڏکڻ آفريڪا مان 1915 ۾ هندستان ڏانهن واپس آيو. هڪ سال ساندهه گوپال ڪرشن گوکلي جي صلاح مطابق گانڌيجي ديش ڀر جو ڦيرو ڪندو رهيو ۽ ڪٿي تقرير نه ڪانه ڪيائين. 1916 جي ڪانگريس اجلاس لاءِ هو بمبئي پرانت طرفان ڊيليگيٽ ٿي به چونڊجي ڪو نه سگهيو مگر لوڪمانيه ديش جي هٿ ۾ هنکي چولبڊل ڪري ظاهر ڪيو. 1919 ۾ امرتسر واري اجلاس ۾ ڪانگريس اندر شاهي متڀيد پيدا ٿيو نرم ۽ گرم اڳواڻن جي وچ ۾. هڪ طرف پنڊت مدن موهن مالويه ۽ مهاتما گانڌي هئا ۽ ٻئي طرف لوڪمانيه تلڪ لالا لجپتراءِ وغيره. مهاتما گانڌيءَ لوڪمانيه تلڪ کي نمي ڪري وينتي ڪئي ته ڦوٽ پوڻ نه ڏيون ۽ ٺڪراءُ ڪو ٺهراءُ ڪريون. شري جمنالداس جي مسودي تي ٻئي ڌريون راضي ٿيون ۽ ٺهراءُ ٻڪراءَ پاس ڪيو ويو.

امرتسر ڪانگريس اجلاس ۾ ڪانگريس آخر ڪجهه نرم رخ ورتو مگر انجو انگريزن تي خير ڪو اثر ٿيو. انهن ظاهر ڏسڻ ۾ آيو ته انگريز هندستان مٿان پنهنجو قبضو پڪو ڪرڻ لاءِ تيار ڪيل آهن. مهاتما گانڌيءَ بخوبي محسوس ڪيو ته زوردار تحريڪ هلائڻ کان سواءِ آزادي ڪانه ايندي.

